

# اچو تہ ڪمپيوٽر شيئر ڪريون

خليق جمالي
Sindh_desh@yahoo.com

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گھر
WWW.VOICEOFSINDH.NET
editor@voiceofsindh.net

# فهرست


- هارڊويئر
- سافٽويئر
- ڪمپيوٽر جو ڪنيڪٽ ٿيڻ
- فولڊر شيئر ڪرڻ
- فائيل شيئر ڪرڻ
- فائيل ۽ فولڊر رسيو ڪرڻ
- ڪمپيوٽر جو نالو ۽ پاسورڊ
- رموٽ ڊيڪسٽاپ جو استعمال

# هارڊويئر:

ڪمپيوٽر شيئر ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريان اوهان اِهو ڏسي وٺو ته، اوهان جي ڪمپيوٽر ۾ لين(LAN)ڪارڊ موجود آهي. اڪثر جيڪي براَنڊيڊ ڪمپيوٽر مارڪيٽ ۾ ملندا آهن انهن سان لين ڪارڊ اڳي کان ئي موجود هوندو آهي. ۽ جيڪي برٿين بورڊ ايندا آهن انهن ۾ به لين ڪارڊ لڳل هوندو آهي. جيڪڏهن اوهان جي ڪمپيوٽر ۾ لين ڪارڊ لڳل ناهي ته ڪا به وڏي ڳالهه ناهي، اوهان لين (LAN) ڪارڊ مارڪيٽ مان وٺي سگهو ٿا، جنهن جي قيمت به مناسب آهي.



اوهان کي (LAN Card) کان پوءِ جنهن شيءِ جي ضرورت پوندي ان جو نالو آهن LAN Cable اوهان لين ڪيبل به مارڪيٽ کان خريد ڪندو.



اوهان (LAN Card) کي (PCI Slot) ۾ لڳايو.


اوهان کي ٻنهي ڪمپيوٽرن ۾ لين ڪارڊ لڳائڻو پوندو، جن کي اوهان شيئر ڪرڻ چاهيو ٿا. ان کان پوءِ لين ڪيبل ڪٽي ٻنهي ڪمپيوٽرن کي ڪنيڪٽ ڪريو. اوهان ٻنهي ڪمپيوٽرن کي هاٽي آن ڪري وٺو، جڏهن اوهان ٻنهي ڪمپيوٽرن کي چڱي طرح ڪنيڪٽ ڪري وٺندو ته پوءِ اوهان جو هارڊويئر وارو ڪم مڪمل ٿيندو. ان کان پوءِ اوهان کي سافٽويئر جو ڪم ڪرڻو پوندو. ان لاءِ اچو ته سافٽويئر جي ڪم کي وٺون.

# سافٽويئر:


اسان جيئن عام طور تي موبائيل فون يوز ڪندا آهيون. اسان هڪ مخصوص نمبر واري سم مارڪيٽ مان وٺي ايندا آهيون. ان کي پنهنجي موبائيل فون ۾ لڳائي دوست کي پنهنجو نمبر ڏيندا آهيون تہ جيئن وقت سر رابطو ڪري سگهي.

بلڪل ساڳي طرح اسان ڪمپيوٽر شيئر ڪندا آهيون تہ اسان کي IP ادريس جي ضرورت پوندي آهي. جڏهن اوهان بہ دوست ڪمپيوٽر شيئر ڪندا آهيو تہ پوءِ اوهان کي موبائيل نمبر وانگر IP ادريس جي ضرورت پوندي. تہ پوءِ اچو تہ IP ادريس ناهيون.


اوهان هاڻي پنهنجي ونڊوز جي ڊيسڪٽاپ مان My Network Places کي رائيٽ ڪلڪ ڪري پراپرٽي کي کوليو.





ان کان پوءِ اوهان لوڪل ايريا ڪنيڪشن (Local Area Connection) کي رائيٽ ڪلڪ ڪري پراپرٽي کي ڪلڪ ڪريو.




ان کان پوءِ اوهان لوڪل ايريا نيٽورڪ ڪنيڪشن جي ورارورٽي ۾ داخل ٿي ويندو. اتان انٽر نيٽ پروٽوڪل (Internet protocol) کي ڊبل ڪلڪ ڪريو.




ان کان پوءِ اوهان وٽ انٽرنيٽ پروٽو ڪول جي پراپرٽي ۾ داخل ٿي ويندا. Use the following IP address جي ريڊيو بٽڻ کي ڪلڪ ڪريو.





هاڻي اوهان IP ايڊريس هڻي سگهو ٿا. جئين هيٺ ڏنل آهي.




هاڻي اوهان پهريان مٿين تصوير ڏسو، ان ۾ اوهان کي IP address نظر اچي رهيو آهي. انهي جي سامهون باڪس ۾ اوهان کي IP address لکيل نظر اچي رهيو آهي. جيڪو هن ريت آهي. 192.212.100.1 اوهان پنهنجي ڪمپيوٽر جي آءِ پي ساڳي طرح لکو جيئن مٿي لکيل آهي. IP address جي هيٺيان اوهان کي Subnet mask نظر اچي رهيو آهي. اوهان سب نيٽ جي سامهون ڏنل باڪس ۾ اوهان هڪ ڪلڪ ڪريو ته سب نيٽ واري آ پي پاڻ مرادو لڳي ويندي. ۽ پوءِ اوڪي کي پريس ڪريو.

هاڻي وارو ٽيو ٻئي ڪمپيوٽر جو ته ان ۾ ساڳي طرح آءِ پي اڊريس لڳايو. پر جڏهن اوهان جي ڪمپيوٽر جي آ پي اڊريس 192.212.100.1 هجي ته پوءِ ٻئي ڪمپيوٽر جي آ پي 192.212.100.2 ڏيو.


جڏهن اوهان آ پي اڊريس هڻي او ڪي پريس ڪندا، ته پوءِ اوهان لوڪل ايريا نيٽورڪ ڪنيڪشن پراپرٽي ۾ اچي ويندو. اتان اوهان اڊوانسڊ (Advanced) ٽيب کي ڪلڪ ڪريو.





ان کي ڪلڪ ڪرڻ کان پوءِ سيٽنگ کي ڪلڪ ڪريو.




ان کان پوءِ اوهان Exceptions ٽيب کي ڪلڪ ڪريو.




ان کان پوءِ اوهان File and printer sharing, Remote assistance, remote desktop جا ڏنل چيڪ بٽن کي چيڪ ڪريو.





هاڻي اوهان او ڪي ڪي پريس ڪندا ته اوهان جي IP اڊريس وارو ڪم مڪمل ٿي ويندو.

# ڪمپيوٽرجو ڪنيڪٽ ٿيڻ:


هاڻي وارو ٿيو آهي ته اهو يقين ونجي ته اسان جا ٻئي ڪمپيوٽر صحيح طرح ڪنيڪٽ ٿيا آهن ؟

اوهان سڀ کان پهريان پنهنجي ڪمپيوٽر مان دوست واري ڪمپيوٽر جي IP ڏيو.


اوهان سڀ کان پهريان ونڊوز رن پروگرام اسٽارٽ ڪريو.





ان کان پوءِ اوهان رن پروگرام ۾ هيٺين ريت پنهنجي دوست واري ڪمپيوٽر جي IP ادريس لکو.




ان کان پوءِ اوڪي کي پريس ڪريو. جيڪڏهن اوهان جو ڪمپيوٽر شيئر ٿي ويندو ته ايم ايس داس ۾ هيٺيان اکر نظر ايندا.




پر جڏهن ڪمپيوٽر ڪنيڪٽ نہ ٿيندو تہ هينيان اکر نظر ايندا.





جڏهن اوهان جو ڪمپيوٽر شيئر نہ پيو ٿئي تہ ان لاءِ اوهان يقين ڪري ونو تہ ....

1. اوهان يقين ڪري ونو تہ ٻئي ڪمپيوٽر آن آهن.
2. اوهان ٻنهي ڪمپيوٽرن کي ري اسٽارٽ ڪريو.
3. اوهان چيڪ ڪري ونو تہ اوهان جو لين ڪيبل ڪٿان ٽُٽَل تہ ناهي.
4. اهو بہ يقين ڪري ونو تہ لين ڪارڊ پي سي آ سلاٽ ۾ صحيح لڳل آهي.
5. اوهان مٿي ڏنل هدايتن کي وري پڙهي ڏسو ۽ سختي سان انهن تہ عمل ڪريو. (اوهان کي مٿيان سيٽينگ ٻنهي ڪمپيوٽر ۾ اپلائي ڪرڻو آهي).
6. اڪثر ڪري ونڊوز بہ ڪرپٽ ٿي ويندو آهي. اوهان ونڊوز کي ٻيهر انسٽال ڪريو.


انشاالله اوهان جو ڪمپيوٽر ڪنيڪٽ ٿي ويندو.

# فولڊر شيئر ڪرڻ:


اوهان سڀ کان پهريان فائيل کي رائٽ ڪلڪ ڪريو جنهن کي اوهان شيئر ڪرڻ چاهيو ٿا.




هاڻي اوهان شيئرنگ اينڊ سڪيورٽي تي ڪلڪ ڪريو.



اوهان کي Share this folder on the network جو چيڪ بٽڻ نظر اچي رهيو آهي. اوهان ان کي چيڪ ڪريو.





ان کان پوءِ اوهان Share name واري باڪس مان فائيل جو نالو ڏيو، (بيو نالو ڏيڻ ضروري ناهي) ان جي هيٺيان اوهان کي Allow network users to change my files جو چيڪ بٽڻ نظر ايندو. جڏهن اوهان ان کي چيڪ ڪندا ته اوهان جو دوست اوهان جي فولڊر مان فائيل وغيره ڊليٽ يان انهن ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿو. ان کان پوءِ اوهان او ڪي کي پريس ڪريو. هاڻي اوهان جو فولڊر هن طرح نظر ايندو.




هاڻي اوهان جو فولڊر شيئر ٿي ويو آهي.

# فائيل شيئر ڪرڻ:

اوهان هڪ فائيل کي فولڊر وانگر شيئر نٿا ڪري سگهو. جڏهن اوهان کي صرف هڪ فائيل شيئر ڪرڻو آهي ته پوءِ انهي لاءِ اوهان هڪ نئون فولڊر ناهيو ۽ پوءِ ان کي شيئر ڪريو.
يا وري اوهان جنهن فائيل کي شيئر ڪرڻ ٿا چاهيو، ان کي ڪاپي ڪريو ۽ پوءِ وڃي My Network Places کي ڊبل ڪلڪ ڪريو.





هاڻي اتي وڃي اوهان فائيل کي پيسٽ ڪريو. ائين اوهان جو فائيل شيئر ٿي ويندو.

# فائيل ۽ فولڊر رسيو ڪرڻ:


هاڻي اوهان وڃي ٻئي ڪمپيوٽر جي ڊيسڪٽاپ تي موجود My Network Places کي کوليندا ته اتي اوهان جا شيئر ٿيل فائيل ۽ فولڊر اتي موجود هوندا.
اوهان اتان ٻه فائيل ڏسي سگهو ٿا. يا اوهان انهن کي ڪاپي ڪري پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ رکي سگهو ٿا.

# ڪمپيوٽر جو نالو ۽ پاسورڊ:


اوهان ڪمپيوٽر جو نالو ڏيڻ لاءِ My Computer کي رائٽ ڪلڪ ڪريو. ان کان پوءِ اوهان ماءِ ڪمپيوٽر جي پراپرٽي ۾ داخل ٿي ويندو.




هاڻي اوهان Computer name واري ٽيب کي ڪلڪ ڪريو.




ان ڪان پوءِ رموٽ ٽيب کي پريس ڪريو. اتان Allow users to connect remotely to this computer جي ڏنل چيڪ باڪس کي چيڪ ڪري وٺو.




هاڻي اوهان کي پاسورڊ ڏيڻو پوندو. انهي لاءِ اوهان ڪنٽرول پينل تي وڃي يوزر اڪائونٽ تي وڃي ڊبل ڪلڪ ڪريو.




اوهان اتان اوهان پنهنجي يوزر نيم تي ڊبل ڪلڪ ڪريو ۽ پوءِ ڪريٽ پاسورڊ تان اوهان پنهنجو پاسورڊ ناهي سگهو ٿا.





هاڻي ان ڪان پوءِ اوهان پاسورڊ ڏئي ڪريٽ پاسورڊ کي ڪلڪ ڪريو.


# رموٽ ڊيسڪٽاپ جو استعمال:

اوهان جڏهن رموٽ ڊيسڪٽاپ سان ڪنيڪٽ ٿي ويندو ته اوهان وٽ بئي ڪمپيوٽر جو ڊيسڪٽاپ اچي ويندو. اوهان ان بئي ڪمپيوٽر کي پنهنجي ڪمپيوٽر مان هلائي سگهو ٿا.


اوهان اسٽارٽ مينيو مان پروگرام پوءِ اسيسريز پوءِ ڪميونيڪيشن پوءِ رموٽ ڊيسڪٽاپ کي ڪلڪ ڪريو.




ان کان پوءِ اوهان کي هيٺيون ونڊوز کلي پوندو.




هاڻي اوهان آپشن کي ڪلڪ ڪريو.




هاڻي جيئن مٿي باڪس پريل آهن اوهان ٻـ ٻئي ڪمپيوٽر جو نالو، پاسورڊ ۽ يوزر نيم ڏيو. ۽ پوءِ ڪنيڪٽ کي پريس ڪريو.

اوهان وٽ ٻئي ڪپيوٽر جو ڊيسڪٽاپ اچي ويندو.

پورو ٿيو.

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net